22 جنوری 2021ء کو ایک شہر میں خوفناک واقعہ رونما ہوا، جس نے عام لوگوں کے ساتھ ساتھ نفسیات اور ذہنی امراض کے شعبوں میں کام کرنے والے ماہرین کو بھی ہلا کر رکھ دیا۔ ایک ماہر نفسیات نے معمولی گھریلو تنازع پر اپنی اکلوتی بیٹی کو گولی مار کر قتل کر دیا اور اس کے بعد خود کو گولی مار کر اپنے ہی ہاتھوں اپنی زندگی کا بھی خاتمہ کر دیا۔ وہ بیٹی تین بچوں کی ماں تھی۔ پولیس اس حوالے سے تحقیقات کر رہی ہے کہ دوسروں کو خودکشی سے روکنے کی ترغیب دینے والا ماہر نفسیات اتنا بڑا اقدام اٹھانے پر کیوں مجبور ہوا؟

ڈاکٹر معروف ماہر نفسیات تھا، جس کے پاس ارد گرد کے علاقوں سے بڑی تعداد میں لوگ آتے تھے اور اپنے نفسیاتی مسائل اور ذہنی امراض کا ان سے علاج کراتے تھے۔ جب انہیں پتہ چلا ہوگا کہ ان کے ڈاکٹر نے خود ایسا اقدام کیا ہے تو ان پر کیا بیتی ہوگی۔ ڈاکٹر کی آخر کیا ذہنی کیفیت ہوگی کہ اس نے وہ کر دیا، جس کو روکنے کے لیے اس نے اپنی زندگی لگا دی؟ پولیس کے علاوہ ان کے مریض اور عام لوگ بھییہی سوال کر رہے ہیں۔ اس سوال کا جواب یہی ہو سکتا ہے کہ ڈاکٹر نے اپنے اس ذہنییانفسیاتی مسئلے پر توجہ نہیں دی ہوگی، جو بالآخر اسے خوفناک انجام کی طرف لے گیا۔ پاکستان کے سماجی حالات شاید اس نہج پر پہنچ چکے ہیں کہ ایک ماہر نفسیات بھی قتل اور خودکشی کر رہا ہے۔

ہمارے ہاں اکثر لوگ اپنے ذہنی اور نفسیاتی مسائل پر توجہ نہیں دیتے۔ وہ اگرچہ محسوس کر رہے ہوتے ہیں کہ ان کی زندگی نارمل نہیں ہے، وہ خوف اور بے یقینی کا شکار ہیں، انہیں کسی پل چین نہیں آ رہا، مایوسی اور تھکن کے احساس کی وجہ سے وہ سست ہو گئے ہیں، انہیں نیند بھی نہیں آتی ہے اور مزاج میں غصہ یا چڑچڑا پن ہے، پھر بھی وہ اسے کوئی مسئلہ تصور نہیں کر رہے ہوتے۔ پھر ایک مرحلہ ایسا بھی آتا ہے کہ خود پر ان کا اپنا کنٹرول ختم ہو جاتا ہے۔ یہ مرحلہ آنے سے پہلے اپنے ذہنی اور نفسیاتی مسائل کا ادراک کر لینا چاہئے اور اس شعبے کے ماہرین سے رجوع کر لینا چاہئے۔ خود ماہرین نفسیات اور ذہنی امراض کے ڈاکٹروں کو بھی اپنے رویوں کا جائزہ لیتے رہنا چاہئیے۔ خاص طور پر پاکستان جیسے ملک میں ذہنی صحت کے بارے میں بہت زیادہ آگاہی پیدا کرنے کی ضرورت ہے کیوں کہ پاکستان کا شمار ان ملکوں میں ہوتا ہے، جہاں کے معاشی، سماجی اور سیاسی حالات بہت زیادہ خراب ہیں، جن کی وجہ سے لوگ بہت زیادہ ذہنی دباؤ کا شکار ہیں۔ نفسیاتی اور ذہنی امراض بہت خطرناک ہوتے ہیں۔

ایک تخمینے کے مطابق پاکستان میں 50 ملینیعنی 5 کروڑ سے زائد افراد خراب ذہنی حالتوں (مینٹل ڈس آرڈرز) کا شکار ہیں۔ ویسے تو دنیا کی مجموعی طور پر 2.4 فیصد آبادی مینٹل ڈس



آرڈرز سے دوچار ہے لیکن پاکستان میںیہ شرح خطرناک حد تک زیادہ 25 فیصد ہے، جو انتہائیتشویش ناک ہے۔ 20 کروڑ کی آبادی میں سے 5 کروڑ لوگ ذہنی اور نفسیاتی مسائل سے دوچار ہیں۔ یعنی ہر چار میں سے ایک شخص مینٹل ڈس آرڈر کا شکار ہے۔ اس کی وجہ یہ ہے کہ پاکستان میں وہ حالات زیادہ ہیں، جو لوگوں کی ذہنی صحت پر اثر انداز ہوتے ہیں۔ ایک اندازے کے مطابق 2030ء میں پاکستان میں موت کے بڑے اسباب میں ایک بڑا سبب خودکشی بھی ہوگا۔ یہ خوفناک صورت حال لمحہ فکریہ ہے۔

پاکستان جیسے ترقی پذیر ملکوں میں لوگوں پر نہ صرف زندگی تنگ کر دی گئی ہے بلکہ پاکستانی معاشرے کو روحانی اقدار سے بھی محروم کر دیا گیا ہے، جو ذہنی صحت کے لیے ضروری ہوتی ہیں۔ بھوک، غربت، بے روزگاری، جسمانی بیماریاں، دہشت گردی، خونریزی، ناانصافی، بنیادی سہولتوں سے محرومی، غذائی قلت، موسم کی سختی اور دیگر عوامل ذہنی اور نفسیاتی امراض کے بنیادی اسباب ہیں لیکن آج کے دور میں سب سے بڑی وجہ نفسیاتی جنگ (سائیکالوجیکل وار فیئر) ہے۔ یہ عالمی سرمایہ دارانہ نظام کا بنیادی حربہ ہے، جو پوری دنیا میں اختیار کیا جاتا ہے لیکن پاکستان میںیہ سب سے زیادہ خوفناک ہے۔ نفسیاتی جنگ پر کسی دوسرے آرٹیکل میں تفصیلی بیان کیا جائے گا لیکنیہاں صرف اتنا بتانا ضروری ہے کہ نفسیاتی جنگ میں پروپیگنڈا اور مختلف ٹیکنالوجیز کے ذریعہ لوگوں کی ذہنی کیفیت تبدیل کی جاتی ہے۔ انہیں اپنے آپ سے بیگانہ کیا جاتا ہے۔ ان کے سوچنے کے انداز تبدیل کرا دیئے جاتے ہیں تاکہ عمومی رائے کو کنٹرول کیا جا سکے اور سیاست کو اپنی مرضی سے چلایا جا سکے۔ اس جنگ کا منطقی نتیجہ لوگوں کی ذہنی حالتوں کی خرابیوں کی صورت میں سامنے آتا ہے۔ دہشت گردی اور خونریزی بھی اسی نفسیاتی جنگ کے ذیلی شعبے ہیں۔ ڈاکٹر اظہر حسین کییہ ذہنی حالت غربت، بے روزگاری، بھوک یا تنگدستی کی وجہ سے نہیں ہوئی ہوگی۔ اس کا سبب یقیناً وہ حالات ہیں، جو پاکستان میں طاقتور حلقوں کی مسلط کردہ نفسیاتی جنگ نے پیدا کیے ہیں۔

ممتاز برطانوی فلسفی اور دانشور برٹرینڈ رسل نے اپنے ایک مضمون میں لکھا تھا کہ "لوگوں کو اپنے ذہنی اور نفسیاتی مسائل سے بچنے کے لیے اپنے عہد کی ترقی پسند اور انقلابی تحریکوں میں شامل ہونا چاہئے۔" انفرادی اور اجتماعی ذہنی صحت کے لیے برٹرینڈ رسل کا یہ ایک بہترین عمومی نسخہ ہے لیکن جن لوگوں کے ذہنی اور نفسیاتی امراض طبییعنی کلینیکل امراض کی شکل اختیار کر چکے ہیں، انہیں کلینیکل ٹریٹمنٹ (علاج) کی فوری ضرورت ہے۔ پاکستان میں بدقسمتی سے ذہنی صحت کے ادارے ضرورت سے بہت زیادہ کم ہیں اور لوگوں کو ذہنی صحت سے متعلق آگاہی کی مہم بھی ناکافی ہے۔ پاکستان میں فوری طور پر ذہنی اور نفسیاتی امراض کے شعبوں اور اداروں کو وسعت دینے اور انہیں مضبوط بنانے کی بہت زیادہ ضرورت ہے۔ سندھ حکومت اس حوالے سے کچھ بہتر کام کر رہی ہے۔ سندھ نے مینٹل ہیلتھ ایکٹ 2013ء میں منظور کر کے اور اس کے تحت مینٹل ہیلتھ اتھارٹی قائم کر کے دیگر صوبوں پر سبقت حاصل کی ہے۔ دیگر صوبوں نے بعد میں ایسے اقدامات کیے۔ لوگوں کے ذہنی اور نفسیاتی امراض کے حوالے سے اس خوف زدہ صورت حال میں صوبائی حکومتوں اور نجی اداروں کو غیر معمولی اقدامات کرنے چاہئیں اور لوگوں کو بھی چاہئے کہ وہ اپنی ذہنی اور نفسیاتی کیفیت کا فوری ادراک کریں اور ڈاکٹرز سے رجوع کریں۔

# "وہ خلل ہے دماغ کا"

## (سندھ میں ذہنی صحت کی صورتحال)

حسن مجتبیٰ

حیدرآباد سندھ کی وہ نسلیں جو انیس سو ستر اور اسی کی دہائیوں میں جوان ہوئی ہیں انہوں نے شہر میں ایک سوٹیڈ بوٹیڈ بزرگ، سر پہ سولر ہیٹ، اور کوٹ کی اگلی جیب میں بہت سے رنگ برنگی آدھ درجن بھر انک پینیا قلم رکھے، اور گرمیوں میں نیکر پہنے گھومتے دیکھا ہوگا۔ کبھی وہ سرکاری دفاتر تو کبھی عدالتوں کے کمروں، وکلا کے بار رومز میں تو کبھی ججوں اور افسروں کے گھروں پر دستک دیتے تو کبھی اسکولوں اور کالجوں میں دوران کلاس اور لیکچر تو کبھی جلسوں اور تقریبات میں آ نکلتے۔ کبھی وہ روشنی میں بھی راتوں کو ٹارچ جلائے لیے گشت کرتے دکھائی دیتا۔ اور یہ بزرگ اپنا تعارف کچھ یوں کراتے " ولی محمد ہمیرانی پوئیٹ، لینڈ لارڈ، ایمبیسیڈر آف پاکستان ایٹ پورچو گال، نیپولین دی پونا پارٹ۔"

مجھے میرے ایک بہت ہی قریبی عزیز بزرگ یاد آجاتے جو اپنا تعارف "شہنشاہ" کے نام سے کرواتے تھے۔ میرے وہ بزرگ جوانی میں سر سہراب جی کاوسجی مینٹل انسٹیٹیوٹ گدو میں داخل کرالئے گئے تھے۔ ہمارے بڑے کہتے تھے کہ ان بزرگ کو عشق میں ناکامی کی وجہ سے ایسی حالت میں گدو داخل کروایا گیا تھا۔ اور وہ اپنے وارڈ میں سے ہر جانے اور آنے والے کو گالی سے للکارتے ہوئے کہتے کہ " بیویا بہن کے فلاں۔۔۔ عشق کرو عشق"۔

پر ایک شاہکار کتاب ہے

وہ بھی تھے جو بھٹو کی پھانسی کے بعد اپنے ہوش و حواس کی دنیا کھو بیٹھے جو گدو بندر کے اس ذہنی امراض کے علاج کے مرکز میں داخل کر دیے گئے۔ کچھ ایسے بھی تھے جو سابقہ سوویتیونین کے ٹوٹنے پر دماغی توازن کھو بیٹھے اور ایسے بے شمار جنگی ذہنی حالت کے اسباب "دل کا ٹوٹنا" کہا گیا۔




سندھ یونیورسٹی کے بانی وائیس چانسلر اور برگزیدہ عالم و شخصیت علامہ آئی آئی قاضی سے لیکر نوجوان شاعر ماٹھینو اوٹھو اور ذہین سیاسی کارکن شاعر اور لکھاری عرفان مہدی تک نے جامشورو کے پل سے خود کو سندھو دریا کی لہروں کے حوالے کیا۔

میرے اوپر ذکر کئے گئے قریبی عزیز اور بزرگ ولی محمد ہمیرانی دی پوئیٹ لینڈ لارڈ اینڈ ایمبیسیڈر ایٹ پورچو گال عرف نیپولیئین دی بوناپارٹ کے ہوش و خرد کی دنیا اوپر نیچے ہونے کی وجہ انکے احباب اور واقفان کی طرف "عشق" بتایا گیا۔

خود ہمیرانی بھی کبھی وہ اپنا مبینہ اپنے دور کی مشہور براڈ لاسٹر اور پھر بیورو کریٹ سے جوڑتے تو کبھی اپنے دور کی مشہور ریڈیو سندھی لوک و کلاسیکل گائیکہ سے جوڑتے۔ اور وہ گلی کے بچوں سے پوچھتے رہتے " بیٹا تم نے وہ فلاں مغینہ دیکھی؟"۔

لوگ اکثر کبھی ایسی ذہن کی صورتحال اور دماغ کی حالت کو دل کے معاملات سے جوڑتے ہیں تو کبھی ایسی کیفیات کو درویشی و مستی سے تو کبھی خواتین ہوں کہ مرد انپر بھوت پریتیا جنوں کے سائے کو لیکنیہ سب وہ ذہنی بیماریاں یا نفسیاتی مسائل ہیں جو بنیادی طرح سندھ سمیت تمام ملک بلکہ انکی جزئیات دنیا بھر میں ایک سی ہے۔ معنی کہ متاثرینیا ذہنی طور چیلینجڈ آبادی میں پیتھالوجی کی بنیادی ہیئت ایک سی ہوتی ہے۔ اگر مغرب میں ایسے کیسوں میں کوئی خود کو اینگلینڈ کا بادشاہ سمجھ رہا ہوتا ہے تو جارج واشنگٹن یا الزبیتھ ٹیلر سمجھ رہا ہوتا تو ہمارے سندھ میں کوئی بھٹو تو کوئی ضیا الحق، کوئی بینظیر، تو کوئی بہت پہونچا ہوا درویش۔

لیکن نفسیاتی مسائل یا ذہنی صحت کو کبھی اسطرح سنجیدگی سے زیادہ نہیں لیا گیا۔ اگر کہیں لیا بھی گیا ہے تو ایک بڑی آبادی اکثریتی طور دماغی صحت کے متعلق



آگاہی و تعلیمیا پھر اسکے علاج و معالجے اور انکی سہولیات سے بہرہ مند نہیں ہو پائے / نہیں ہو پا رہے۔

جبکہ سندھ میں دماغی صحت کے مسائل یا بیماریاں جن میں اینگزائیٹی (اختلاج) اور ڈپریشن (یاسیت) بہت عام ہیں۔

نیز سندھ صوبے میں بھیبیہ بیماریاں بغیر کسی طبقے یا کلاس، آمدن گروپ، عمر، تعلیمی و سماجی حیثیت اور جنس کی تفریق کے پائی جاتی ہیں۔ ایسے ذہنییا نفسیاتی طور چیلینج لوگوں میں ہاری، مزدور، طلبہ بھی ہیں، سرمایہ دار بیوپاری، دکاندار بھی، تو نوکری پیشہ بھی تو سیاسی کارکن، سایسی رہنما اور حکمران بھی شامل ہیں۔

ایک بائیں بازو کا مشہور لیڈر تو کہتا تھا کہ اسکے ٹرانسسٹر ریڈیو سے اسکو پیغامات وصول ہوتے تھے اور دوسرے بڑے لیڈر کو گرمیوں میں بھی ٹھنڈ محسوس ہوتی تھی۔ وہ موسم گرما میں سردیوں کے گرم کپڑے پہنے رکھتا۔ تیسرے لیڈر کی سیاست کو ہی اسکے ساتھیوں نے ہی بذریعہ پیمفلیٹ لکھ کر "پیرا سوشلزم" قرار دیا۔ یہ تمام محترم لیڈر تھے جنکی سیاست میں نمایاں خدمات و ملک میں جمہوریت کیلیے جدوجہد تھی۔ ایک اور محترم لیڈر رہے جسکی انگلی کے اشارے چند منٹوں کے نوٹیس پر کبھی میگا شہر بند ہو سکتے تھے ایک شخص سے بھی مخاطب ہوتا ہے تو جیسے بہت ہی بڑے جلسہ عام سے خطاب کر رہا ہو۔

یہاں امریکہ میں پاکستانی نژاد ماہر دماغی امراض ڈاکٹر رضوان علی، جو کہ کئی سال پاکستان میں صوبہ سندھ میں بھی کام اور تحقیق کرتے رہے ہیں کا کہنا ہے کہ "ایسی دماغی حالت ڈیلوزنل ڈس آرڈر یا آسان زبان میں خود فریبی کے ضمرے میں آتی ہے اور سندھ میں یہ کوئی غیر عام بیماری نہیں ہے۔ اس بیماری کی بنیاد پیرانوائے (خوف و وسوسے) و دیگر ذہنی چیلینجز جن میں باوجود شواہد اور بنیادوں پر مبنی حقیقت کے برعکس چلنا بھی ہو، شامل ہیں۔"

نفسیاتیا دماغی صحت کی تعلیمیا اس سے آگاہی کی اشد ضرورت تو اپنی جگہ، لیکن، ڈاکٹر رضوان علی کا کہنا ہے کے سب سے قابل تشویش بات یہ ہے کہ دماغی صحت کے بحران اور مسائل کو تسلیم نہ کرنا یا اس سے ڈنائل ہے۔






دماغی امراض کی حقیقت کو جھٹلانا، دماغی صحت سے متعلق تعلیم و آگہی کا فقدان اور سندھ میں بڑے شہروں کو چھوڑ کر دماغی صحت کی مطلوبہ و مناسب سہولیات کا فقدان بھی دماغی امراض میں شدت اور اضافے کا مؤجب ہیں۔

سندھ میں اینگزائیٹی، ڈپریشن تو عام ہی ہیں لیکن شیزوفیرینا جو، ڈاکٹر رضوان علی کے مطابق، سو میں سے ایک اس بیماری کا شکار ہوتا ہے۔ اس بیماری میں بیمار کو آوازوں کا آنا یا سننا جسے ہیلیو سینیشن کہا جاتا ہے، شامل ہیں۔

اس بیماری کا ایک پیٹرنیا شکل عقیدے کی انتہائی شدت پسندی بھی ہے جس میں ایسی دماغی ابتلا میں مبتلا لوگوں کو تباہی و ہلاکت پر آمادہ کرنے والے خواب و خیالات آتے رہتے ہیں۔ جس میں کسی کو یہ "اشارہ" ہوا ہوتا ہے کہ عقیدے کے نام پر فلاں شخص کو پھر وہ اپنا ہو یا غیر "کی جان لی جائے" یا "جان دی جائے"۔ جسکی کی سندھ میں اکثر عورتوں اور مردوں میں بیماری کو "جن بھوت پریت" کے سائے سے تعبیر کیا جاتا ہے۔ ایسی دماغی حالت کو "پزیشن سینڈروم" کہا جاتا ہے اور اسی طرح اپنے تیئں ایسے مریضوں کے لواحقین سائکوٹرک تھراپی کے بجائے اپنے مریض اعزاو اقارب یا پیاروں کو درگاہوں، آستانوں، عاملوں، بھوپوں سے اپنی استطاعت، یقین کے مطابق رجوع کرتے ہیں۔ سندھ کی کن درگاہوں پر اختلاج اور ڈپریشن کے مریض جن میں عورتوں کی تعداد

تیس سے چالیس فی صد ہے کہیں زنجیروں میں بندھے ہوئے دیکھے جا سکتے ہیں تو کہیں ان میں عورتوں کا خود کو معالج یا عامل کہلاتے ہوئے علاج سرندہ نواز کر رہے ہوتے ہیں۔ سرندہ نواز عاملوں کے پاس ڈپریشن اور اختلاج کی و مریضہ عورتیں لائی جاتی ہیں جن پر جن بھوت پریت کا اثر فرض کیا ہوا ہوتا ہے۔ جن یا آسیب کا سایہ بتلائے ہوئے مردوں اور عورتوں کی سائیکو تھراپی کے بجائے ایسی ذہنی بیماریوں کا "علاج" اسکے کئی مریض اور مریضائوں کو نام نہاد عاملوں کے ہاتھوں کو گرم لوہے یا سریوں

سے داغا جاتا ہے، عورتوں کے بال کاٹ دیے جاتے ہیں۔ اس ذہنی مرض جسکو پزیشن سینڈروم کہتے کا علاج ذہنی امراض کے ہسپتالوں میں ہونا چاہیئے۔ لیکن اسکا علاج پیروں، فقیروں، جادو، ٹونوں سے فرض کیا جاتا ہے

تو بحث کا حاصل مطلب یہ ہوا باقی دنیا اور ملک کی طرح صوبہ سندھ میں بھی اینگزائیٹی، ڈپریشن، شیزوفیرینا جسکا سو میں سے ایک آدمی شیزوفرنیا کا شکار ہوتا ہے۔ بائی پولر جس میں موڈ ڈس آرڈر (پل میں تولہ پل میں ماشہ)، تھاٹ ڈس آرڈر (خیال منتشر، ڈیلوزنل ڈس آرڈر بیماریاں عام ہیں۔ ڈپریشن اور اینگزائیٹی کے سبب خود کشی کا تناسب پاکستان سے انڈیا میں زیادہ تو بتایا جاتا ہے لیکن پاکستان میں وہ کم رپورٹ ہوتا ہے۔ تاہم ماضی قریب سے تھر کے علاقے میں خودکشیاں بہت رپورٹ ہوئی ہیں۔

ملک سمیت سندھ میں خودکشی کے اقدامات کو روکنے میں مدد کی چوبیس گھنٹہ ہیلپ ہیڈلائین کی ضرورت ہے اور اس پر کال کرنے والوں کے مسائل و مرض کو انکے کوائف سمیت صیغہ راز میں رکھنے اور خودکشی کے اقدام کو جرم نہیں ایک ذہنی یا نفسیاتی بحران یا چیلینج کی طور پر برتنے اور ایسے متاثرین کے علاج کے متعلق قانونسازی کی ضرورت ہے۔ (لیکن یہ اصول و قانون خودکش بمباروں اور دہشتگردی بذریعہ خودکش حملہ یا حملے پر ظاہر ہے لاگو نہیں ہوسکتے)۔

لیکن جناح ہسپتال کراچی میں ذہنی صحت کے ماہر ڈاکٹر جاوید درس نے سندھ میں بالا ذکر نفسیاتی بیماریوں کی موجودگی عام سے اتفاق کرتے ہوئے انکے کئی کثیر الجہت اسباب بتاتے ہیں۔ (میری) ان سے ٹیلیفونک گفتگو کے دوران انہوں نے بتایا کہ ان بیماریوں کی وجوہات بایولیجیکل، موروثی، ماحول، سوشل، روزگار، معاشی، دہشتگردی، تشدد، سماجی نا انصافی، متوسط اور نچلے متوسط طبقے کے لوگوں میں سماجی دباؤ یا سوشل پریشرس سمیت کئی اسباب ہوسکتے ہیں۔ انکا کہنا تھا کہ سماج میں تشدد اور عدم برداشت بھی ذہنی صحت کے مسائل کے نتائج ہیں۔

ڈاکٹر جاوید درس کا بھی یہ کہنا تھا کہ سندھ میں ڈپریشن اور اینگزائیٹی سمیت مختلف ذہنی مسائل کی شکار آبادی میں دیہی اور شہری کا کوئی فرق نہیں۔ انکا کہنا تھا کہ






دو سے تین کروڑ تک کی آبادی میں ذہنی صحت کے ایسی مسائل سے دوچار آبادی کا تیس فی صد خواتین کا ہے۔

اسکیلے ڈاکٹر رضوان علی کا کہنا ہے کہ تھراپی، فیملی اور ذہنی صحت متعلق آگہی و تعلیم ضروری ہے جسکا پاکستان میں نہ فقط شدید فقدان ہے پر ذہنی صحت کے علاج معالجے واسطے سہولیات بھی انتہائی ناکافی ہیں۔

سندھ میں کراچی کے علاوہ دس کے قریب میڈیکل کالج ہیں لیکن کاوسجی جہانگیر انسٹیٹیوٹ گدو کے علاوہ سرکاری سطح پر دیگر کوئی سہولیات موجود نہیں۔

کاوسجی جہانگیر انسٹیٹیوٹ آف سائکیاٹری یا مینٹل انسٹیٹیوٹ گدو بندر سندھ سمیت پاکستان میں ایک معجزاتی سہولیات ہے کو تقسیم سے تقریبن ایک صدی قبل حیدرآباد کے پر فضا مقام گدو بندر میں قائم کیا گیا تھا۔ اس ادارے کے قائم کرنے والے بمبئی کے ایک مخیر اور معمار پارسی کاوسجی جہانگیر تھے جسکیلے زمین مشہور سندھی ہندو مخیر گدوانی فیملی نے مہیا کی تھی۔ اس ادارے ایک سربراہ ڈاکٹر شیخ محمد ابراہیم خلیل گذرے ہیں جنہوں نے اپنے مریضوں کی زندگیوں اور ان سے اپنے پیشہ وارانہ تعلق کے پس منظر میں سچی اسٹوریوں کی بنیاد پر افسانے لکھے جو سندھی زبان میں ایک کتاب "عبر تکدہ" کی شکل میں موجود ہے جو سندھی ادب میں ذہنی صحت کے موضوع ایک شاہکار کتاب ہے۔

حیدرآباد کراس کرنے کے بعد شاذ و نادر کہیں ذہنی صحت کے علاج واسطے سرکاری شفاخانے یا ہسپتال موجود ہوں۔ جبکہ صوبہ پنجاب میں اسکے برعکس صورتحال ہے جہاں ہر سرکاری ہسپتال میں ذہنی صحت کا علاج موجود ہے۔ لیکن جناح ہسپتال میں ذہنی صحت کے انچارج ڈاکٹر جاوید درس اس سے اختلاف کرتے ہیں اور انکا کہنا ہے کہ سندھ حکومت نے حالیہ دنوں میں ذہنی صحت کے شعبے میں بھی قابل قدر خدمات شروع کی ہوئی ہیں جسکی ایک اہم مثال ڈاکٹر کریم خواجہ کی سربراہی میں سندھ انسٹیٹیوٹ آف مینٹل ہیلتھ ہے جس کے تحت سہولیات اب سندھ کے ہر ضلع میں قائم کی جارہی ہیں۔

آج کے دور میں جہاں ہر بیس افراد پر ایک ڈاکٹر نہیں متعین کیا جاسکتا تو ڈاکٹر رضوان علی ٹیلی سائکیاٹری سہولیات پر زور دیتے ہیں۔

***

# سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي

**سينيٽر ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجه، چيئرمين، سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي**

هي قانون 2013ع ۾ منظور ٿيو هو ۽ ان تي عملدرآمد آگسٽ 2017ع ۾ شروع ٿيو آهي ۽ ان جي مدت چار سال آهي.

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي پاران ڪرايل سرگرمين ۾ هر پهلو تي غوروفڪر ڪيو ويو آهي. انهي سلسلي ۾ خاص ڪاميابي، اهو اعلان آهي، جنهن ۾ پارليامينٽ جي هڪ ايڪٽ ذريعي سر ڪاوسجي جهانگير انسٽيٽيوٽ، نفسيات ۽ روين جي سائنس متعلق ڪم ڪندڙ ادارو حيدرآباد هاڻي هڪ ڊگري ڏيڻ وارو ادارو ٿي ويو آهي ۽ يقينن پاڪستان ۽ هن سڄي خطي ۾ ان قسم جو اهو پهريون ادارو آهي.

هي ادارو سنڌ جي ٻن وڏين يونيورسٽين، لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ۽ سنڌ يونيورسٽي سان سلهاڙيل آهي. انهي متعلق ايڪٽ نافذ ڪيو ويو آهي. ان جو اعلان ۽ بورڊ جي قيام جو عمل هلندڙ آهي.

اسان انهي مقصد تي ڪم ڪري رهيا آهيون ته انهي کي مڪمل طور تي ذهني صحت جي يونيورسٽي بڻائجي ۽ پبلڪ سيڪٽر ۾ ايشيا ۾ اها پهرين يونيورسٽي هوندي.

دير کي ختم ڪندي اسان اٿارٽي جي آفيس ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون ۽ انهي اداري جو بنياد رکڻ شروع ڪيو ويو آهي ۽ اسان اڳئي پنهنجون سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون هيون. اڄ تائين تقريبا پنجاسي سرگرميون ڪري چڪا آهيون، جنهن ۾ ورڪشاپ، سيمينار، دورا، ۽ رسمي ۽ غيررسمي گڏجاڻيون وغيره شامل آهن.

سرگرميون وڏي تعداد ۾ ڪيون ويون آهن جنهن ۾ بورڊ آف وزيٽرس ذريعي ڏهن وڏين سرڪاري اسپتالن ۽ جيلن جا دورا ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ جيلن ۽ اسپتالن جي موجوده صورتحال ۽ انهي ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سفارشون پڻ ڪيون ويون آهن.

ڪورونا وبا جي ڪري اهو عمل ڪجهه عرصي لاءِ روڪيو ويو پر اميد آهي ته اهو ٻيهر شروع ٿي ويندو. تازو ئي ناظم آباد چائلڊ اسپتال ۾ نئين وارڊ سان گڏوگڏ ٻارن جي نفسياتي وارڊ جو آغاز به ڪيو ويو آهي. سنڌ گورنمينٽ اسپتال قطر ۽ سول اسپتال مٺي ۾ نفسياتي وارڊ به انهي ۾ شامل آهن. عارضي طور تي اهي وارڊ ڊويزن ليول تي اسپتالن ۾ کوليا ويندا ۽ اڳتي هلي هر ضلعي ۾ اهڙا نفساتي وارڊ هر اسپتال ۾ کوليا ويندا ۽ نفسياتي ماهرن ۽ سماجي ورڪرز جي مدد سان انهي کي بهتر ڪيو ويندو.

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي تي مشورا ۽ صلاحون ڏيڻ جي به ذميواري آهي. جنهن تحت ڪجهه سفارشن تي عملدرآمد ٿي چڪو آهي ۽ ڪجهه تي ڪم هلي رهيو آهي.

مختلف پروفارما تيار ڪيا ويا آهن ۽ جائزو ورتو ويو آهي. تمام گهڻي مشاورت کانپوءِ قاعدا ۽ ضابطا جوڙيا ويا آهن. قانون جي ابتدا ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي انتظار ڪري رهيا آهيون ته سنڌ ڪابينا ان جي منظوري ڏئي ۽ صحت کاتو ان کي نوٽيفائي ڪري ته جيئن اڳتي عمل شروع ٿئي ۽ انهي عمل سان ايندڙ وقت ۾ وڏي پيماني تي عوام جي ڀلائي ٿيندي.

هڪ ٻيو اهم قدم جيڪو سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي کنيو آهي اهو نفسياتي ماهرن کي انهي سڄي عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جنهن تحت اهي پنهنجي دائري ڪار ۾ رهندي پنهنجون خدمتون ڏيندا. في الحال نفساتي ماهرن لاءِ ڪا به ريگيوليٽري باڊي موجود ناهي. اهو ڏکيو ڪم يونيورسٽي يا اڪيڊميا جي ذريعي شروع ڪيوويو آهي. انهي سلسلي ۾ چار گڏجاڻيون حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ منعقد ٿي چڪيون آهن. جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي، بحريا يونيورسٽي، انسٽيٽيوٽ آف ڪلينيڪل سائيڪولوجي ۽ سنڌ مان ڪيترن ئي ماهرن کي گهرايو ويو ۽ تجويزن جو مسودو تيار ڪيوويو. جنهن کي متفقه طور تي حتمي شڪل ڏني وئي آهي ته جيئن اهي ماهر هڪ معاون نفسياتي اداري وانگر ذهني صحت جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن. ان عمل کي سنڌ اسيمبلي مان قانون ۾ ترميم ذريعي ڪرائڻ جي ضرورت آهي.

انهي کان علاوه ٻيا به ننڍا ننڍا مسئلا اسان جي ايجنڊا تي آهن. جنهن تي روشني وڌي وئي آهي. جيڪي روز به روز جي ڪمن ڪارين دوران پيش اچن ٿا ۽ انهن کي گهٽائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن شين کي قابل عمل بڻائي سگهجي.

انهي عمل سان نيون نوڪريون پيدا ٿينديون، ۽ آئنده انهي شعبي کي باقاعده طور ترقي ڪرڻ ۾ مدد ملندي. سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي جي سرڪاري ويب سائيٽ کي فعال بڻايو ويو آهي ۽ ٻين سيني سماجي رابطن جي چينلز تي موجودگي قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ فيس بڪ، يوٽيوب چينل ۽ ٽويٽر شامل آهن.ته جيئن معلومات تائين آسان رسائي ۽ سهولتن کي حاصل ڪري سگهجي.

انهي جي باقاعده بنياد تي نگراني پڻ ڪئي پئي وڃي ۽ لاڳاپيل معلومات سان اپڊيٽ پڻ ڪيو پيو وڃي.

انهي ڏس ۾ به هيلپ لائنز پڻ قائم ڪيون ويون آهن. جنهن مان هڪ سرڪواسجي جهانگير انسٽيٽيوٽ آف سائيڪياٽري اينڊ بيهيويرل سائنس حيدرآباد ۽ ٻي جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جي نفسياتي وارڊ ۾ آهي. انهي جو افتتاح سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاڻ

ڪيو ۽ ڪورونا وائرس واري وبائي مرض ڪان اڳ قائم ٿيل اهڙي قاسم جي اداري جي ضرورت واري اهميت ڪي اجا وڏائي ڇڏيو. هيلپ لائنون يونيورسل نمبر 642 117 111 سان 022 سرڪواسجي جهانگير انسٽيٽيوٽ ۽ 021 جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر لاءِ مختص ٿيل آهن.

هنن هيلپ لائنز ذريعي مقرر ڪيل وقت ۾ صوبي جي آبادي لاءِ خدمتون مهيا ڪيون پيون وڃن ۽ انهن جي توسيع لاءِ منصوبا اڳ ۾ ئي زير غور آهن.

ملڪي توڙي عالمي سطح تي ادارن سان رابطا قائم ڪيا ويا آهن. بحرين ٽرسٽ يوڪي سان مستقل مدد لاءِ معاهدو ٿي چڪو آهي. ٽر فائونڊيشن سان هڪ فعال لاڳاپو قائم ڪيو ويو آهي. جنهن تحت ٽيلي هيلٿ سروس، مٺي جي سول اسپتال ذريعي مهيا ڪئي ويندي. جنهن سان سيني تعلقن جون سرڪاري اسپتالون جڙيل هونديون.

سيني لاڳاپيل ڌرين ڪي انهي عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ اهو منصوبو هڪ سال لاءِ ٿر فائونڊيشن، لمس، سرڪواسجي جهانگير انسٽيٽيوٽ، ضلعي اسپتال مٺي ۽ صحت کاتو سنڌ جي سهڪار سان هلندو.

سرڪاري اسپتال مٺي جي انتظاميا ۽ ڊپٽي ڪمشنر مٺي انهي سرگرمي جي ڪارڪردگي تي نظر رکندا ۽ ممڪن آهي تہ اها سهولت مستقل طور تي صحت جي ٻين سهولتن سان گڏ مهيا ڪئي وڃي.

لمس ۽ ايف ايم ريڊيو هڪ معاهدي تحت ٽن ڏينهن لاءِ نفسياتي بيمارين متعلق آگاهي پروگرام شروع ڪيو آهي. انهي سان گڏوگڏ اسان اهڙي نوعيت جو ٻيو پروگرام سر ڪواسجي جهانگيرانسٽيٽيوٽ ۾ پڻ شروع ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي.

ٻيو اهم سنگ ميل اهو آهي تہ وڻ لڳائڻ جو ڪم پڻ اسان شروع ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ شهرن اندر ماحولياتي آلودگي ڪي گهٽائڻ لاءِ سنڌ حڪومت ٻيلي کاتي جي سهڪار سان وڻڪاري مهم شروع ڪئي آهي. جنهن ۾ سيڪريٽري ٻيلو کاتو ۽ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ خاص دلچسپي رکن ٿا ۽ هنن شهرن ۾وڻڪاري مهم جا دورا پڻ ڪيا آهن.

انهي ڪان علاوه عام ڊاڪٽرن جي لاءِ تربيتي مواد ڪي اتفاق راءِ سان تيار ڪيو ويو آهي ۽ تربيت ڏيندڙن ڪي اڳواٽ تربيت ڏيڻ لاءِ ڪراچي جي بيچ لگزري هوٽل ۾ هڪ ويهڪ ڪرائي وئي آهي. جنهن ۾ هڪ سو ڪان مٿي نفسياتي ماهرن شرڪت ڪئي ۽ اهو عهد ڪيو تہ سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود ڊاڪٽرن، پيراميڊڪس، ليڊي هيلٿ ورڪرز وغيره ڪي تربيت ڏني ويندي.

ڪورونا وبا جي ڪري اهو سلسلو جاري نہ رهي سگهيو. انهي سڄي منصوبہ بندي جي پويان اهو تصور هو تہ سرڪاري توڙي خانگي اسپتالن ۽ ڪلينڪس ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽرن ڪي تربيت ڏني وڃي تہ جيئن اهي ذهني صحت سان لاڳاپيل نفسياتي مسئلن جو علاج بنيادي صحت مرڪزن ۽ ڪلينڪس تي ڪري سگهن ۽ اهي سنجيده نوعيت جي ڪيسز ڪي وقت سر ٻين ڏانهن موڪلڻ جو وقت سر صحيح فيصلو ڪري سگهن.

گذريل پنجن سالن ۾ پوري صوبي ۾ آپگهات جي سيني رپورٽ ٿيل واقعن ڪي رڪارڊ ڪرڻ جي لاءِ هڪ تحقيق پڻ شروع ڪئي وئي آهي. انهي سلسلي ۾ صحت ۽ گهرو کاتي ڪي بہ شامل ڪيو ويو آهي، ۽ هڪ ٽيم انگ اکر گڏ ڪري رهي آهي، جيڪي جلد عوام جي آڏو پيش ڪيا ويندا.

ڪورونا وبا جيڪا اجا تائين جاري آهي، سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي پاران ڪورونا جي بيماري جي ذهني صحت تي اينڌڙ اثرن متعلق آگاهي پروگرام پرنٽ ۽ اليڪٽرونڪ ميڊيا تي هلي رهيا آهن. انهي سان گڏوگڏ لاڳاپيل سرڪاري ادارن جي سهڪار ۽ هدايتن مطابق سوشل ميڊيا فيس بڪ، ٽويٽر ۽ ويبينار وغيره تي اهي آگاهي سرگرميون جاري آهن پر خبر ناهي تہ ڪورونا جي وبا ڪڏهن ختم ٿيندي ڇاڪاڻ تہ اجا تائين ويڪسين پوري طرح مهيا نہ ٿي سگهي آهي، جنهن ڪري ذهني مرضن ۾ سڄي دنيا ۾ اضافو ٿيندو.

اسان انهي مسئلي تي ڪم ڪري رهيا آهيون تہ انهي ڪي ڪيئن منهن ڏجي، ان سلسلي ۾ مشاورت جاري آهي.

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي ڪي سڄي سنڌ سطح تي ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڍانچي تي ڪم ڪجھ مهينن اندر مڪمل ٿيڻ وارو آهي ۽ مستقبل لاءِ منصوبہ بندي ڪئي پئي وڃي، جنهن ڪي بورڊ منظور ڪري چڪو آهي.

موجوده صورتحال ڪي مدنظر رکندي ٽيلي هيلٿ سروس جو بهتر استعمال ڪيو ويندو ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ تربيت يافتہ عملي جي کوٽ آهي. سرڪواسجي جانگيرانسٽيٽيوٽ ماهرن ڪي سيني ڪيٽيگريز لاءِ تيار ڪندو.

پبلڪ ۽ پرائيويٽ سيڪٽر ۾ پرائمري هيلٿ ڪيئر ڊاڪٽرن جي ٽريننگ وارو عمل گهربل ضرورت ڪي پورو ڪندو.

هر سرڪاري يونيورسٽي ۽ ميڊيڪل ڪاليج ۾ نفسياتي وارڊ ۽ نفسياتي ماهر هجڻ گهرجي.

بحرين ٽرسٽ ۽ اسڪاٽ لينڊ جي نفسياتي ڪاليج سان آن لائن رابطا اڳئي ٿي چڪا آهن جيڪي انساني وسيلن ۾ تربيت جي معيار ڪي بهتر ڪري سگهن ٿا.

سرڪاري اي ميل ايڊريس؛ info.smha@sindh.gov.pk

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي ايڪٽ ۽ سر ڪواسجي جهانگير انسٽيٽيوٽ آف سائيڪياٽري اينڊ بيهيويرل سائنس ايڪٽ هن ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.

سرڪاري ويب سائيٽ؛ smha.gov.org.pk

فيسبڪ پيج؛ smha.gov.org@gmail.com

ٽوئيٽر اڪائونٽ؛ smha.gov.org@gmail.com

سيني ڄاڻايل سرگرمين جا تفصيل ۽ مختلف پروگرامن جون تصويرن سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي جي ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجن ٿيون.

# مايوسي ۽ اداسيءَ جي دنيا جو سائنسي اپياس

ڊاڪٽر جميل احمد جوڻيجو

ذهني صحت جي ڄاڻ کي عام ڪرڻ لاءِ 1992ع کان وٺي مسلسل جاکوڙيندڙ ادارو ورلڊ فيڊريشن فار مينٽل هيلٿ هن سال کي ڊپريشن جي بيماريءَ کي سمجهڻ جو سال ڪري ملهائي رهيو آهي. ان سڄي مشق جو مقصد فقط اِهو آهي تہ دنيا جي ٽڙني سماجن ۾ موجود انهن ماڻهن تائين هن ڄاڻ کي آسان ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ پهچايو وڃي تہ جيئن انهن سماجن ۾ موجود انيڪ انسانن جو علاج ممڪن ٿي سگهي، جيڪي ڊپريشن، مايوسي يا اُداسي جي بيماريءَ ۾ وڪوڙيل آهن.

ان کان اڳ جو پاڻ ڊپريشن کي سمجهون، ان ڳالهہ کي ورجائڻ ضروري آهي تہ آخر اسان جو سماج ۽ ان ۾ موجود فرد جسماني بيمارين کي تہ سمجهن ٿا ۽ ان جي حل لاءِ سائنسي رستو اختيار ڪن ٿا ۽ ڳهربل علاج تائين رسائي حاصل ڪن ٿا پر جڏهن اسان مان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪو ذهني يا نفسياتي مسئلو يا علامت شروع ٿئي ٿي تہ اسان، ان کي هرو ڀرو پُراِسرار ٻڌائي ٿا ڇڏيون. ذهني بيماريءَ جي ڪيفيت کي جادو، اثر، ٽوٽو ڦيٽو، جن ڀوت سان تشبيهہ ڏئي، انهن انسانن کي ذهني صحت جي ادارن تائين پهچڻ کان پهرين ئي مفلوج ٻڌائي ٿا ڇڏيون. ائين ڇو آهي؟ ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا پر ڏِسڻو اِهو آهي تہ اسان پنهنجي سماج ۾ انهن روين ۾ تبديلي ڪيئن آڻي سگهون ٿا؟ صحت جي عالمي اداري هڪ انتهائي اهم پروگرام يا مهم شروع ڪئي آهي. ان پروگرام جو نالو Mantel Health, Global Action Program آهي، هن پروگرام کي شروع ڪرڻ جو مقصد ئي اهو هو تہ دنيا جي غريب ملڪن ۽ سماجن ۾ موجود لکن ۽ ڪروڙن انسانن جي لاءِ، جيڪي ذهني بيمارين ۾ وڪوڙيل آهن، انهن تائين رسائي حاصل ڪجي ۽ تمام سستو ۽ معياري علاج، جيڪو ممڪن آهي



اُهو مهيا ڪري ڏجي.

بدقسمتيءَ سان پاڪستان دنيا جي انهن مُلڪن ۾ شامل آهي، جتي صحت جهڙي اهم شعبي لاءِ بہ تمام ٿوري بجيٽ رکي وڃي ٿي ۽ ذهني صحت تہ قومي صحت پروگرام ۾ شامل ئي نہ آهي! صحت جو عالمي ادارو مينٽل هيلٿ گيپ پروگرام وسيلي هن وقت تائين، آفريڪا، انڊيا، سريلنڪا، چائنا ۽ ٻين مُلڪن ۾ بهتر نتيجا حاصل ڪري چڪو آهي.

## ڊپريشن ڇا آهي؟

ڪڏهن ڪڏهن لُغت ۾ موجود ڊپريشن جي لفظ کي اُداسي لاءِ ڪُتب آندو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن وڏي بيماري ۾ مبتلا مريضن جي ڪيفيت کي هڪ علامت طور ڊپريشن ۾ سمجهيو ويندو آهي. پر ڊپريشن هڪ ئي وقت ۾ هڪ شديد ذهني بيماري (Syndrome) پڻ هجي ٿي.

## ڊپريشن جون علامتون

مايوس رهڻ، هر وقت ۽ هر روز، پنهنجي آس پاس جي ماحول کان پري ٿي وڃڻ. زندگي جي ٽڙني ڪمن ڪارين ۽ ڳالهين مان دلچسپي جو گهٽجي وڃڻ، بُک نہ لڳڻ يا گهٽ لڳڻ، وزن جو وڌي وڃڻ يا گهٽ ٿيڻ، ننڊ نہ اچڻ يا گهٽي ننڊ اچڻ، بي چيني، بيقراري ۽ منجهيل رهڻ، ڪمزوري ۽ ٿڪاوٽ جو احساس ٿيڻ، پاڻ کي ٻين جي مقابلي ۾ گهٽ محسوس ڪرڻ، شرم ۽ ندامت محسوس ڪرڻ، روز مره جي ڪمن ڪارين ۾ فيصلو نہ ڪري سگهڻ، موت جي باري ۾ تصور ڪرڻ يا خودڪشي جا خيال اچڻ.



## ڊپريشن جي سڃاڻپ يا تشخيص

ڪڏهن ڪڏهن اسان سڀ مايوسي جو شڪار ٿي پوندا آهيون ۽ هر وقت بيزار رهڻ لڳندا آهيون، ٿوري گهڻي ڳالهه تي چڙ ۽ ڪاوڙ ايندي رهندي آهي. عام طرح اهڙيون علامتون هفتي ٻن ۾ ٺيڪ ٿي وينديون آهن. اهي علامتون ان وقت بيماري جي شڪل اختيار ڪري وٺنديون آهن، جڏهن ”اُداسي ۽ مايوسي“ جو احساس ڪافي ڏينهن رهي ۽ ختم نه ٿئي، شدت ايتري هجي جو روز مره جي زندگي ۽ ڪم ڪار متاثر ٿيڻ لڳي. اهڙي ڪيفيت ۾ ڪنهن ويجهي ماهر ڊاڪٽر سان رجوع ڪرڻ گهرجي، جيڪو تفصيلي معائني کان پوءِ بيماري جي هجڻ يا نه هجڻ جي تصديق ڪري سگهندو.

## ڊپريشن جا ڪجهه ڪارڻ

دماغ ۾ موجود ڪجهه رطوبتن جهڙوڪ سروٽونن (Serotonin) جي ڪوٽ، جسم ۾ موجود هارمونس (Thyroid) جي ڪوٽ، موروثيت ۾ ڪنهن خاندان جي فرد کي اڳ مايوسي ۽ اُداسي جي بيماري جو هجڻ. ڪنهن ويجهي مٽ مائٽ يا عزيز جي انتقال، طلاق ڪانپوءِ، نوڪري ختم ٿيڻ جي ڪري ڪاروبار ۾ نقصان جي ڪري، ڪجهه جسماني بيمارين جهڙوڪ: ڪاري سائي، دم جي بيماري، هڏن جي بيماري، دل جي بيماري ۽ ڪينسر جي بيماري جي ڪري پڻ مايوسي يا اُداسي جي بيماري (Co morbidity) ٿي پوي ٿي.

## ڊپريشن جي بيماري ڪيتري عام آهي؟

ڊپريشن هن وقت سڄي دنيا ۾ گلوبل برڊن آف ڊزيز طور ٽئين نمبر تي آهي ۽ سن 2030ع ۾ اداسي ۽ مايوسي جي بيماري پهرئين نمبر تي هوندي ۽ وڌ کان وڌ ماڻهو خودڪشي جو شڪار ٿي ويندا. ڊپريشن جي بيماري عورتن ۾ وڌيڪ ٿئي ٿي ۽ عمر جي ڪنهن به حصي ۾ شروع ٿي سگهي ٿي. پر گهڻو ڪري نوجواني جي دوران هن بيماري جي شروعات ٿئي ٿي، ان وقت جڏهن انسان معاشي طور تي پنهنجي ڪٽنب لاءِ ڪمائڻ شروع ڪري ٿو.






## ڊپريشن جا نظر نه ايندڙ نقصان

جڏهن ڪنهن به فرد کي هيءَ بيماري شروع ٿئي ٿي ته هو باقي معاشري کان پري ٿي وڃي ٿو ۽ گهڻو وقت اڪيلائي ۽ تنهائي جو شڪار رهي ٿو. مثبت (Positive) سوچڻ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ مثبت روين کان هٽي ڪري منفي (Negative) روين ۾ پئجي وڃي ٿو. جهڙوڪ نشو واپرائڻ! اسان پنهنجي آس پاس نظر ڊوڙائينداسين ته خبر پوندي ته معاشري جو چڱو خاصو حصو، عام نشي واريون شيون جهڙوڪ مين پڙي، ناس، نسوار، گٽڪو، پان، ڀنگ، شراب ۽ چرس ۽ ننڊ آڻڻ واريون گوريون وغيره استعمال ڪري رهيو هوندو آهي. سائنسي ڄاڻ مطابق نشي جو استعمال شروع شروع ۾ مايوسي ۽ اُداسي جي ڪيفيت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪبو آهي ۽ آهستي آهستي ماڻهو نشي جو عادي (Dependent) ٿي ويندو آهي. ان ڪري سيني نشي واپرائڻ وارن کي ماهر ڊاڪٽر سان رجوع ڪرڻ گهرجي، ڇو ته نشو واپرائڻ جي پويان (Depression) جي بيماري ئي هجي ٿي، جنهن جو مناسب علاج ٿيڻ جي صورت ۾ انسان ٺيڪ ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي نشي مان به جان هميشه جي لاءِ آزاد ٿي وڃي ٿي. صحت جي عالمي اداري جي تحقيق جي مطابق Disability adjusted life years وڌ کان وڌ اُداسي ۽ مايوسي جي بيماري جي ڪري فرد، ڪٽنب ۽ سماج ۾ غربت رهي ٿي.

هاڻي ٿورو غور ۽ ويچار ڪريو جنهن سماج ۾ 20 کان 30 سيڪڙو ماڻهو ڊپريشن جي بيماري ۾ مبتلا هجن، اتي جي سماج ۾ ترقي ممڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ هن اهم موضوع تي اسان جي سول سوسائٽي کي ضرور بحث ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي حل لاءِ قابل عمل تجويزون پڻ گڏ ڪرڻ گهرجن. ذهني صحت وقت جي ضرورت آهي، نفسياتي بيمارين جي انگن اکرن کي ڏسي حقيقت کان منهن نه ٿو موڙي سگهجي، جڏهن هر 4 ماڻهن مان هڪ ماڻهوءَ کي ڪونه ڪو ذهني صحت جو مسئلو هجي. اسان جي سماج کي اهڙن مريضن جي لاءِ همدردي پيدا ڪرڻي پوندي ۽ ذهني صحت سان لاڳاپيل بيمارين کي به ائين سمجهو ويندو، جيئن جسماني بيمارين کي سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان جي علاج لاءِ به سائنسي طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي.

# پڳي سان پيرِ جيسين رتوراڻُ ٿئي

ڊاڪٽر ايوب شيخ

پاڪستان جي 220 ملين يا 22 ڪروڙ ماڻهن جي ذهني صحت جي سهولتن لاءِ ڪم ڪندڙ نفسياتي ماهرن جوڪل انگ 400 آهي. جنهن جو سڌو مطلب اهو آهي تہ هر ساڍن پنجن لکن تي هڪ ماهر ميسر آهي.جيڪڏهن ان کي هر صوبي آهر في صوبو 100 ماهر ليکجن ته ان حساب سان هر پنجن لکن ماڻهن تي هڪ ماهر موجود آهي

ڀارت ۾ 3500 نفسياتي ماهر موجود آهن ان حساب سان اتي هر چئن لکن ماڻهن لاءِ هڪ ماهر موجود آهي.

آمريڪا جيڪو لڳ ڀڳ 50 رياستن جو گڏيل ملڪ آهي تنهن ۾ هڪ لک 6 هزار نفسياتي ماهر موجود آهن، ان حساب سان هر رياست ۾ لڳ ڀڳ 2 هزار نفسياتي ماهر موجود آهن. آمريڪا جي 32 ڪروڙ 82 لکن جي آبادي جي حساب سان هر 3096 ماڻهن لاءِ هڪ ماهر موجود آهي.

دنيا ۾ آبادي جي شرح سان سڀ کان گهڻا نفسياتي ماهر ارجنٽائين ۾ آهن جتي لڳ ڀڳ هر لک ماڻهن تي 198 ماهر موجود آهن، جيڪي انڊيا ۾ هر چئن لکن ماڻهن لاءِ هڪ ماهر ۽ پاڪستان ۾ هر پنجن لکن تي هڪ آهي.

عالمي طور نفسيات جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين ملڪن ۾ آمريڪا، برطانيا، ڪينيڊا،




نيوزيلينڊ، قبرص، آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ ترڪي شامل آهن.




دنيا ۾ 30 عالمي مشهوري ماڻيندڙ نفسياتي ماهر موجود آهن، جن جي هاڪ هر هنڌ موجود آهي. انهن ۾ پهريون نمبر آمريڪي اسٽئنفورڊ يونيورسٽي ۾ سوشل سائنسز جو پروفيسر ۽ گذريل 60 ورهين کان ڪم ڪندڙ 82 ورهين جو ماهر البرٽ بندورا آهي. هو سماجي سکيا، اُڀرائي ۽ سماجي روين تي شاندار نقاد آهي.

**اچو اصل ڳالھ تي:**

متين انگن اکرن موجب جيڪڏهن اسان جي ملڪ جي وڏي شهر ۽ سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ جو ليکو ڪريون جنهن جي رجسٽرڊ آبادي 160 لک آهي ۽ جيڪڏهن 22 ڪروڙ آبادي لاءِ 400 ماهر آهن تہ ان حساب سان ڪراچي شهر کي رڳو 30 نفسياتي ماهر ميسر آهن. سو، اسان جا ٻيا شهر جن مان جيڪڏهن ڪنهن بہ شهر جي آبادي 5 لک آهي ته سمجهيو وڃي ته اتي اسان جي دماغي صحت لاءِ هڪ ماهر موجود آهي.

ذهني صحت جي باري ۾ اسان جي لاپرواهي واري پاليسي ئي اصل سبب آهي جنهن سان اسان پنهنجي سموري نسل جي ذهني واڌ ويجهه جي باري ۾ ڪنهن به انتظام کان وانجهيل هڪ اهڙو ملڪ

آهيون جيڪو آسرن تي پلجندو رهي ٿو، جنهن ملڪ جي 63 سيڪڙو نوجوان آبادي جي باري ۾ ڪنهن به حوالي سان ڪوبهپلان ۽ رٿا موجود ڪونهي.

جيستائين اسان جي ملڪ ۾ يا سنڌ سطح تي ڪو جوڳو بندوبست ٿئي، نفسيات جا ماهر وڏي انگ ۾ پيدا ٿين، اسان جا اهي ماهر عوام کي دلجاءِ ۽ رستو يا ڪا راهه ڏسڻ جهڙاٿين، تيستائين اسان لاءِ ضروري آهي ته هيٺين ڳالهين جي باري ۾ غور ڪري ان تي سنجيدگي سان عمل ڪريون:-

1. والدين کي گهرجي ته اهي پنهنجي اولاد کي هرروز وقت ڏين، انهن کان حال احوال وٺن ۽ ڏين ۽ انهن کي پنهنجي سٺاين ۽ خرابين جي باري ۾ ڳالهيونبڌائين

2. گهر جي هر ڀاتيءَ کي گهرجي ته اهي پنهنجي صحت جي باري ۾ ضروري ڪم ڪن. ڪثرت، ورزش ڪن ۽ پنهنجي جسماني بچاءَ جا نوان نوان طريقا سوچين.

3. ڪووڊ 19 يا ڪورونا جي عالمي وبا جنهن سموري دنيا جي انساني دماغن تي ناڪاري اثر ڇڏيو آهي، ماڻهو لاچار ٿي رهيا آهن، انهن جا روزگار بيهجي ويا آهن، انهن جا علاج ۽ دوا درمل تي خرچ ٻيڻاٽيڻا ٿي رهيا آهن، اهڙي حالت ۾ گهر جا ڀاتي ويهي سوچين ته اهي ڪهڙا ڪم گهر ويني تي سگهن ٿا، جيڪي اسان جون نياڻيون مائرون ۽ ڀينرون ڪري سگهن ٿيون. مثلاً ڀرت، سلائي وغيره جهڙا ڪم ڪار.

4. مڊل ڪلاس جا اهي نوجوان جيڪي ڏينهن جا 10 ڪلاڪ موبائيل فون کان پري نه ٿا ٿين انهن کي گهرجي ته هو موبائيل فون بدران پڙهڻ جا نوان






نوان طريقا جانچين، لائبررين سميت انهن ڇوڪرين ۽ دوستن وٽ وڃن جيڪي نوان نوان ڪم ڪار ڪري رهيا آهن، جيڪي عالمي طور انفرميشن ٽيڪنالاجي مان نوان نوان فائدا وٺي رهيا آهن.

5. سنڌ سرڪار کي اها ڳالهه ذهن ۾ رکي غور ڪرڻ گهرجي ته ڪورونا جي وبا وڃڻ جو وقت مقرر ناهي، ان کان اڳ جو اها الهه تلهه ساڙي رک ڪري ڇڏي، سرڪاري سطح تي جنگي بنياد اختيار ڪندي هر تعلقي هيڊڪوارٽر ۾ آءِ ٽي جا ننڍا ننڍا يونٽ نهرائي نوجوانن کي هنري تعليم سان سلهاڙين.

6. واندڪائي شيطان جي گهر مثل هجي ٿي. اوهان ۽ اسان کي نوجوانن کي رستو ڏيڻو پوندو، راهه ڏسڻي پوندي ته جيئن اهي بهتر راهه تي هلن، پنهنجو وقت سجايو ڪن ۽ هنر به سکي سگهن. بي حالت ۾ اهي ئي نوجوان ڪنهن به رستي تي نڪري پيا ته اهي سڄي سماج لاءِ جيڪي هاڃا ڪندا تن تي ڪنٽرول ڪرڻ هيڪاري ڏکيو ٿي پوندو.

7. سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي ۽ سمورن نفسياتي ماهرن کي بنا دير گڏ ويهي ان ڳالهه تي سوچڻ گهرجي ته هن صورتحال ۾ سندن فرض ڪهڙا آهن؟ انهن جي سماجي ذميداري ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.؟ انهن کي اها ڳالهه به سوچڻ گهرجي ته نفسياتي ماهرن جي شديد اٿاٽ واري حالت ۾ جاڻ ڪيئن ڏئي سگهجي ٿي.

8. ميڊيا جي شعبن خاص ڪري سوشل ميڊيا سميت سمورن ذريعن کي عوامي جاڻ لاءِ ماڻهن کي پنهنجو وقت ڪيڻ ۽ حصو ونڊائڻ جهڙين ڳالهين لاءِ آماده ڪرڻ گهرجي.

# ذهني بيمارين ۽ اسان جي معاشري جا رويا

ڊاڪٽر لاڪيش ڪتري

دنيا ۾ ڏينهنون ڏينهن ذهني بيمارين ۾ تيزي سان واڌارو اچي رهيو آهي پر اسان جو معاشرو ان کي سمجهڻ کان انڪاري نظر تو اچي، ذهني بيمارين جي وڌڻ جا ڪارڻ هڪ ته موروثي ۽ ٻيا سماجي آهن، جنهن ۾ لاقانونيت، انصاف جو نه ملڻ يا دير سان ملڻ، تعليم ۽ صحت جون سهولتون نامناسب هجڻ، بيروزگاري، غربت، نشي واريون شيون وائپرائڻ ۾ اضافو، وڏا ڪارڻ آهن، دنيا ڏينهون ڏينهن ان کي گهٽائڻ جي لاءِ اپاءَ وٺي رهي آهي پر اسان ان ڪوشش ۾ آهيون ته ماڻهن ۾ اهو شعور ڪيئن آڻجي.

اسان وٽ ذهني بيمارين کي تسليم ئي نٿو ڪيو وڃي، ذهني بيماري کي جن ۽ جادو جو اثر سمجهي مريض کي پوپي وغيره ڏي ٻڌي ڪٽي ايندا آهن ته هن جو جن يا ڪو جادو ختم ڪيو وڃي، ائين اهي اٻوجهه مريض پنهنجي جمع پونجي ۽ وقت ضايع ڪريو ڇڏين، يا وري مريض کي لاعلاج سمجهي ڇڏيو ڏين، وري اهڙن ذهني بيمار ماڻهن جي مدد ڪرڻ بدران ڪين ايذايو وڃي ٿو. هڪ تحقيق موجب ذهني بيماري جو مريض، نفسياتي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر ڈانهن 9 مهينن ڪانپوءِ پهچي ٿو، مريض جو گهڻو وقت، پوپن، جعلي عاملن ۽ عطائي ڊاڪٽرن وٽ گذري وڃي ٿو، پوءِ وڃي هو نفسيات جي ماهر ڊاڪٽر ڈانهن پهچي ٿو، تيستائين هن جو وقت ۽ جمع پونجي ضايع ٿيو وڃي.

اسان جي معاشري جا رويا به ڪجهه اهڙا آهن جو چڱي ڀلي ماڻهو کي ذهني بيمار ڪيو وڃي ٿو. انهي جو مثال هڪ واقعي سان پيش ڪجي ٿو.




ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي او پي ڊي ۾ هڪ مريض کي ڪو ان جو واسطيدار وٺي آيو، شڪايت اها هئي ته چريو آهي ۽ ماڻهن کي پٿر هڻي ٿو.

قصو اهو هو ته هڪ ڇوڪريءَ شادي ڪئي، انهن جي خانداني رسم موجب شادي جي ٻئي ڏينهن ڪنوار کي مائٽ پنهنجي گهر وٺي ايندا آهن ۽ ڪنوار ڪجهه ڏينهن مائٽن ڏي ترسيل رهندي آهي، شادي جي ٻئي ڏينهن هڪ شرارتي قسم جي شخص گهوٽ کي چيڙائڻ لاءِ ڪدڙو ڪدڙو ڪري ڪوٺيو، ان ڳالهه تي گهوٽ کي ڪاوڙ لڳي ۽ هن گهٽ وڌ ڳالهايو، ڏسندي ئي ڏسندي ٻين تماشبينن به ان کي ڪدڙو چوڻ شروع ڪيو ۽ هن جواب ۾ گارگند ۽ پٿر هڻڻ شروع ڪيا ته ماڻهن به هن کي چريو چريو چوڻ شروع ڪيو ۽ هو، ان ڳوٺ ۾ چريئي طور مشهور ٿي ويو، پوري ڳوٺ جا شرارتي ڇوڪرا هر هر هن کي چيڙائڻ لڳا، مذاق مذاق ۾ ڳالهه ايتري وڌي وئي جو مذاق مذاق مان چريئي بڻايل گهوٽ جي ساهرن به ڪيس ڪنوار ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ائين هڪ ننڍڙي مذاق هڪ نوجوان جي زندگي تباهه ڪري ڇڏي.

اسان جي سماج ۾ خاص ڪري ٻهراڙين ۾ اهو عام آهي ته ڪنهن جي چيڙ ناهبي آهي ته ان جي ذهني صحت تي ڪيڏو ئي خراب اثر پوي ٿو، ان قسم جي سماج کي اسين ذهني بيمار سماج چئي سگهون ٿا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان قسم جي خراب عادت کان پاسو ڪيو وڃي.

مذاق ڪيو پر مذاق نه اڏايو، اهڙا مذاق هرگز نه ڪريو جنهن سان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي.



# نفسياتي بيمارين ۽ ورتل اپاءَ

**اسحاق سومرو**

نفسياتي بيمارين جو ڪارڻ گهڻو ڪري مورثي بيماريون، ماءُ پيءُ يا ڪنهن ٻئي ويجهي رشتيدارمان منتقلي هجي ٿو، جيڪڏهن ڪو ڊپريشن جو شڪار رهيو آهي ته امڪان آهي ته اهو سندس ويجهن عزيزن کي ٻه ٿي سگهي ٿو. انهي بيماري جي مکيه نشانين ۾ روزمره جي ڪم سان دل نه لڳڻ، اداسي، مايوسي، بيزاري، گهٻراهٽ، بي چيني ۽ ڊپريشن جون علامتون آهن.

اڄ پوري دنيا سميت پاڪستان پڻ ذهني مرضن جي لپيٽ ۾ آهي. ذهني صحت زوال پذير آهي، ماڻهن ۾ ڪشمڪش ۽ تناو ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ڪووڊ 19 جي وبا جي ڪري دنيا ۾ نفسياتي مريضن ۾ اضافو نوٽ ڪيو ويو آهي. پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ ڊپريشن، معاشي، سماجي ۽ اخلاقي مسئلن جي ڪري پيدا ٿيندڙ مشڪلاتن سبب اهڙن مريضن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي.

مٿان وري اسان جي معاشري ۾ذهني مريضن کي مست ملنگ قرارڏئي، ڪنهن مزار يا درگاه، ڪنهن عامل يا عطائي حڪيم جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنو وڃي ٿو. ان جو سبب شعورجي گهٽتائي ۽ ملڪ ۾ نفسيات جي ماهر ڊاڪٽرن جو تمام گهٽ هجڻ آهي، مٿان وري نفسياتي معالج سان مشورو ڪرڻ کي ڇريو ٿي وڃڻ سمجهيو وڃي ٿو.



پاڪستان ۾ هر ٽن ماڻهن مان هڪ شخص ڊپريشن جو شڪار آهي. دنيا ۾ هڪ ارب جي لڳ ڀڳ ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن دماغي عارضي جو شڪار آهن. هڪ محتاط اندازي مطابق پاڪستان ۾ پنج ڪروڙ ماڻهو ذهني مرضن جو شڪار آهن، جن ۾ بالغن جو تعداد ڏيڍ کان ساڍا ٽي ڪروڙ جي قريب آهي. معني هر ٽن ۾ هڪ ڄڻو ڪنهن نه ڪنهن ذهني بيماري جو شڪار آهي. ان حساب سان پاڪستان جي ويهه سيڪڙو آبادي ڊپريشن جو شڪار آهي. جنهن ۾ 36 سيڪڙو تعداد نوجوانن جو آهي.

دماغي صحت بابت عالمي ڏينهن ملهائڻ جي شروعات 1992 ۾ ڪئي وئي، جنهن جو مقصد عالمي سطح تي ذهني صحت جي اهميت ۽ دماغي روين متعلق آگاهي ۽ بيداري پيدا ڪرڻ آهي. اهڙن مريضن ۾ سڀ کان وڌيڪ مرض ڊپريشن ۽ اينگزائٽي آهي. جيڪي ٻين ڪوڙ سارين بيمارين جو سبب بنجي رهيا آهن، جنهن سان عالمي معيشيت کي هنن ٻن عام مرضن جي ڪري هر سال هڪ کرب ڊالرن جو نقصان ٿئي ٿو. جڏهن ته ڪيترائي ملڪ پنهنجي بجيٽ جو صرف ٻه سيڪڙو ذهني صحت لاءِ خرچ ڪن ٿا.

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي جو بنياد 2013 ۾ سنڌ اسيمبلي مان قانون سازي ذريعي ڪيو ويو، ان جي مڪمل ٿيڻ سان اٿارٽي پاران پنجاهه کان وڌيڪ لاڳاپيل ادارن جي ملازمن جون تربيتي ويهڪون جن ۾ ڊاڪٽر، ليڊي هيلٿ وزيٽرس، ليڊي هيلٿ ورڪرس، عدليه،



سيڪيورٽي جي عملي ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن کي شامل ڪيو ويو آهي. انهن سرگرمين ۾ سيمينار، گروپ ڊسڪشن، ليڪچرز شامل آهن، ان ڪانسواءِ سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي مختصر ۽ ڊگهي مدت جا منصوبا جوڙي ذهني مريضن جي علاج ۽ ڪين سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهي.

ذهني مريضن جي سهائتا لاءِ ڪراچي ۾ ٻه وارڊ ۽ هڪ وارڊ مني ۾ قائم ڪيو ويو آهي، جن مان هڪ وارڊ ذهني مريض ٻارن لاءِ آهي. سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي خاص طور تي ٻن شعبن ۾ وڌيڪ تحقيق تي توجهه ڏئي رهي آهي. جنهن ۾ هڪ، سنڌ ۾گذريل پنجن سالن کان وڌندڙ خودڪشين جي پيٽرن ۽ ان جي سببن تي تحقيق ڪئي ويندي، جيڪو اپياس سنڌ پوليس، صحت کاتي، ڪميونٽي هيلٿ سائنس ڊپارٽمينٽ ڄامشورو، آغا خان ِيونيورسٽي، پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين لاڳاپيل فردن سان گڏجي تحقيق ڪئي ويندي. جڏهن ته ٻيو تحقيقي ڪم ٻارن جي سائڪياٽري تي ڪيو ويندو. سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ يونيوورسٽي، انسٽيٽيوٽ آف ڪلينڪل سائڪيالاجي ڪراچي، بحريه يونيوورسٽي جي سائڪيالاجي ڊپارٽمينٽ، ناميارن نفسياتدانن جي تجويزن ۽ سفارشن کان پوءِ سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي ۾ ضروري ترميمون ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو آهي. جيئن ذهني مريضن جي لاءِ وڌ کان وڌ بهتر ڪم ڪري سگهجي.

سنڌ جنهن جي آبادي پوڻا پنج ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي، ضلعي سطح تي صحت جون سهولتون اڌ پوريون آهن. نفسياتي مريضن جي لاءِ اسپتالون، وارڊ توڙي




لاڳاپيل عملو تمام گهٽ آهي جيئن پوري صوبي ۾ هن وقت صرف 140 رجسٽرڊ سائڪياٽرسٽ ڊاڪٽر آهن جيڪو تعداد ناڪافي آهي.

تازو ڪووڊ وبا ۾ وڌندڙ نفسياتي مريضن جي ڪائونسلنگ لاءِ سنڌ مينٽل هيلٿ هيلپ لائين ٽيليفونڪ شروع ڪئي وئي آهي، جنهن سان ڪووڊ جهڙي ڳنڀير صورتحال ۾ ان جو شڪار ٿيندڙ مريضن کي روزانه مدد فراهم ڪئي پئي وڃي.

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي جو قيام يقينن هڪ ساراهه جوڳو قدم آهي، جنهن لاءِ سينيئر ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجه جون ساراهه جوڳيون ڪوششون شامل آهن. هن اٿارٽي جو قيام هڪ شروعات آهي، ان جي سرگرم ٿيڻ سان ان جا بهتر نتيجا سامهون اچڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ اميد آهي ته هي ادارو سنڌ ۾ مينٽل هيلٿ کي بهتر بنائڻ لاءِ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو.

ishaksoomro@yahoo.com



# ضابطي ۽ رد ڪرڻ واري طريقي جو ٻارن جي ذهني صحت تي اثر

پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه شاهه، چيئرپرسن، ڊپارٽمينٽ آف فيزيڪلوجي، يونيورسٽي آف سنڌ

والدين جو ٻارن جي پرورش جي ٻن قسمن جي طريقن ذريعي انهن جي ذهني صحت تي وڏو اثر ٿيندو آهي. ضابطي وارو طريقو، هڪ اهڙو طريقو هوندو آهي جنهن ۾ ٻارن جي سوچڻ، سمجهڻ واري عمل ڪي والدين پنهنجن اصولن ۽ پنهنجن طريقن سان هلائڻ يا قابو ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

ٻيو طريقو والدين طرفان رد ڪرڻ وارو طريقو هوندو آهي جنهن ۾ ٻارن جي خواهشن، احساسن، جذبن ۽ عملن ڪي رد يا انهن جي نفي ڪئي ويندي آهي. اڄ جي دور ۾ والدين جي پرورش جي طريقي ۾ ٻارن جي شخصيت ٺهڻ ۽ اڳتي هلي ڪري زندگي ۾ ڪامياب ٿيڻ ۾ والدين جو تمام گهڻو اهم ڪردار آهي. ٻارن جي شخصيت ۾ بهتري لاءِ والدين پهرين ڏاڪي وارو ڪم ڪندا آهن. والدين جي رويي ۽ طريقي جو ٻارن جي سوچڻ، محسوس ڪرڻ، جذبات ڪي سنڀالڻ، مختلف ڏکين حالتن ڪي منهن ڏيڻ جي سگهه هجڻ، تعليم، زندگي جي ميدان ۾ ڪاميابي جا تمام گهڻا امڪان واضح ٿيڻ ۽ مثبت سوچ پيدا ٿيڻ ۽ سماجي زندگي بهتر ٿيڻ ۽ پختو ڪردار ٺهڻ ۾ والدين جو گهرو اثر ٿيندو آهي. تحقيق ٻڌائي ٿي ته والدين جا ٽي رويا اهڙا آهن جيڪي ٻارن تي اثر انداز ٿيندا آهن.

1. ٻارن ۾ خوف جو واڌارو يا گهٽتائي وارو طريقو،
2. ٻارن ۾ خوف لاءِ ضابطو آڻڻ وارو طريقو،
3. ٻارن ڪي پنهنجي ماحول ڪي سمجهڻ ۽ ان مان فائدو وٺڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ وارو رجحان شامل آهن. اهي والدين جيڪي ذهني منجهارن جو






شڪار هجن جيئن اداسي، مايوسي، ڳڻتي، وري وري سوچ ۽ رويي واري بيماري، شديد ذهني بيماري، مزاج ۾ وري وري تبديلي اچڻ، جسماني ڪمزوري ۽ سماجي ويڳاڻپ، پنهنجي زندگي مان بيزاريت جا خيال اچڻ وارو رويو ٻارن جي شخصيت ۽ زندگي تي گهڻو اثر انداز ٿيندو آهي. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته والدين ۾ موجود ڳڻتي ۽ مايوسي والدين جي تربيت واري طريقي تي اثر انداز ٿيندي آهي. جهڙوڪ ٻارن ڪي رد ڪرڻ وارو رويو ۽ ٻارن ڪي قابو ۾ رکڻ وارو رويو شامل آهن.

ڳڻتي ۽ اداسي واري حالت ۾ والدين پنهنجي زندگي جي حالتن ۽ ذميدارين ڪان پاسو ڪندا آهن. اها ئي حالت والدين ڪي پنهنجي ٻارن سان تعلقات رکڻ ۾ به رڪاوٽ وجهندي آهي. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته والدين ۾ ڳڻتي، اداسي ٻارن ڪي ضابطي ۾ رکڻ يا رد ڪرڻ جو سبب بڻجندي آهي. ٻارن تي شروعاتي زندگي ۾ پوندڙ نفسياتي اثر اڳتي هلي ٻارن جي ذهني صحت تي به اثر انداز ٿيندا آهن. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته ننڍي عمر ڪان ئي ٻارن ۾ رويي جو مسئلو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. خاص طور تي اڄ جي سوشل ميڊيا جي دور ۾ جتي ٻارن جو گهڻو رجحان سوشل ميڊيا جي طرف وڌي رهيو آهي. جنهن جو اثر ٻارن تي واضح نظر اچي رهيو آهي. ٻارن ۾ سوشل ميڊيا جو وڌندڙ رجحان ٻارن جي ذهني صحت تي به



منفي اثر وجهي ٿو. جنهن ۾ اداسي جون علامتون، گهٽتي، خوف، ڌيان نه ڏيئي سگهڻ، روين ۾ تبديلي اچڻ، ڪاوڙ، چڙ چڙو ٿيڻ، پڙهائي ۽ ٻين سان تعلقاتن ۾ گهٽتائي اچڻ شامل آهن. والدين اڪثر ڪري ٻه طريقا استعمال ڪندا آهن. پهرين اهي ٻارن جي سرگرمين کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جيڪڏهن ٻار پنهنجون سرگرميون نٿا ڇڏين ته پوءِ والدين رد ڪرڻ وارو طريقو استعمال ڪندا آهن. جنهن جو نتيجو وڏي عرصي تائين ٻارن جي مزاج، سوچ، ڪردار، تعليمي سرگرمين ۽ زندگي کي پڻ متاثر ڪري سگهي ٿو.

گهڻا والدين ٻارن جي ڪجھ روين (جهڙوڪ شرارتون ڪرڻ، زور سان روئڻ، حد کان وڌيڪ نقصان ڪرڻ، ڪاوڙ ڪرڻ، اعتراض ڪرڻ وغيره) شامل آهن جنهن جي ڪري انهن کي والدين جي طرفان ڪنٽرول ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. جيڪڏهن اهو ڪنٽرول ڪرڻ وارو رجحان والدين ۾ گهڻي عرصي تائين رهيو ته اهي ٻارن لاءِ اڳتي هلي جذباتي ڪمزوري جو باعث بڻجندي آهي. والدين جي طرفان ٻارن کي ڪنٽرول ڪرڻ سان ٻارن تي جذباتي اثر پون ٿا جن جو اظهار ٻار ٻن قسمن سان ڪن ٿا. پهريون خارجي رويي جو اظهار، جيڪو ڇوڪرن ۾ تمام گهڻو نظر ايندو آهي، جنهن ۾ ڪاوڙ وارو رويو، غير اخلاقي رويو ۽ پرتشدد رويو شامل آهي، جڏهن ته ڇوڪرين ۾ داخلي رويو تمام گهڻو هوندو آهي جنهن ۾ اداسي، خودڪشي جا خيال اچڻ ۽ حد کان وڌيڪ ڪائڻ جهڙا رجحان اچي وڃن ٿا.

ظابطو آٽڻ وارو رويو مجموعي طريقي سان اسان جي معاشري ۾ والدين پسند ڪندا آهن جنهن جو






اظهار اهي ٻارن کي پنهنجن قاعدن ۽ قانونن تي رکي هلائڻ ۾ پسند ڪندا آهن. جنهن جا نتيجا منفي اچن ٿا. تحقيق ٻڌائي ٿي ته اهي والدين جيڪي سخت رويو اختيار ڪندا آهن انهن جي ٻارن ۾ ڏوھ جهڙيون عادتون پئجي وينديون آهن. مثال طور ٻارن ٻاران لڪي سگريٽ پيئڻ، اسڪول کان گسائڻ، اسڪول روزانو نه وڃڻ، رزلٽ بهتر نه اچڻ، اسڪول ۾ ٻين ٻارن سان بدتميزي ڪرڻ يا مارڻ، ڪٽڻ، نشي جو واپرائڻ جهڙوڪ الڪوحل ۽ موڊ ۾ بهتري محسوس نه ڪرڻ، جيئن اداسي، گهٽتي، مايوسي، خوف شامل آهن. ظابطي وارو رويو به ٻارن جي شخصيت کي بگاڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي.

ٻار تي ظابطي آٽڻ يا رد ڪرڻ واري رويي سان انهن جا طريقا ٺيڪ نه پر اهي ان طريقي کي پنهنجي لاشعور ۾ ويهاري ڇڏيندا آهن جيڪو انهن لاءِ مونجهاري جو باعث بڻجندو آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته والدين اهڙو مددگار طريقو استعمال ڪن جيڪو ٻارن جي شخصيت توڙي زندگي لاءِ ڪار آمد ثابت ٿئي جنهن ۾ ٻارن جي عمر ۽ ضرورتن کي سمجهندي ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ، ٻارن جي ڪردار ۽ رويي کي سمجهڻ، جيئن ٻار جي جذباتي ۽ ڪيفيتي تربيت ڪري ڪين خوف ۽ گهٽتين مان ڪڍي هڪ ڪامياب ۽ بهترين انسان بڻائي سگهجي.

